# سنڌي پئنچايت ايلسبرج، احمدآباد.

## پرمک جا ٻه اکر :

پريہ مترو، نمسڪار،

ڏياريءَ ۽ نئين سال جون سڀني کي واڌايون.

(1) نئون سال سڀني لاءِ خوشيءَ سان ڀرپور ٿئي. برڪت ڀريو ٿئي ۽ مَنُ شانت رهي، اِها شُڀ ڀاونا. پوڄ پئنچايتي ساليانِي جنرل باڊي ميٽنگ 7 فيبروري 2021 تي رکي ويئي. هيءَ ميٽنگ zoom callaing تي سڏائي ويئي. هن سال گرونانڪ ديوجن جو جنم ڏينهن 19 نومبر جمع ڏينهن ملهايو ويندو. 17 نومبر ٻڌر ڏينهن صبح جو اَکنڊ پاٺ صاحب جو شڀ آرنڀ ٿيندو. صبح جو آشاديوار دادي نرملا ايسراڻي ۽ ڪملا چاٻڙيا ڀڄن ڪيرتن ڪندا. رات جو بہ ستسنگ آيوجن ڪيل آهي. 18 نومبر وسپت ڏينهن صبح جو ڀڄن ڪيرتن ڪندا. ۽ رات جو ستسنگ جو پروگرام رکيل آهي. 19 نومبر جمع ڏينهن ڪيرتن، ستنارائڻ جي ڪٿا ۽ ڀوڳ صاحب جو پروگرام رکيل آهي. سڄو پروگرام پئنچات آفيس بلڊنگ ۾ رکيل آهي. سڀئي گڏجي مؤج مچائيندا.

ڀوڳ صاحب جي ڏينهن شيوا بہ ڪريو، پرساد وٺو ۽ ورهايو. لنگر کائو، کارايو. پرساد جو نقصان نہ ٿئي اُن جو خاص ڌيان رکو.

(2) اَسانجي پئنچايت سُني نموني هلي رهي آهي. مئريج بيوُرو جو سنچالڪ شري جئرام ٺهلياڻي ۽ سندس ساٿي هر آرتوار تي حاضري ڏئي بهترين نموني شيوا ڪري رهيا آهن. باسڻ - فراسن، ڪُرسين جي شيوا بہ رکيل آهي.

ڀائي چارو، خوشي يا غم. بيماري هجي يا ڪوبہ سَڏُ ٿئي تہ سڀني کي گڏ ڪري پنهنجو ڪرڻ جي ڪوشش قائم رکيل آهي اِهو ئي اَسانجي پئنچات جو خاص مقصد آهي. ڏهن سالن کان Website شروع ڪئي ويئي آهي. جنهن ۾ پئنچات جون سڀ سوچنائون رکيون وينديون آهن. مئريج بيورو جا سڀئي تفصيل بہ ويب سائيٽ تي رکيا ويندا آهن.

(3) سووينر ڪاميٽيءَ جي چيئرمن شري اشوڪ بالاڻي ۽ ڊاڪٽر ارجن آسوداڻي (سيڪريٽري) سڄي سووينر جو مصعودو تيار ڪري سُندر روپ ڏيئي پريس ۾ ڇپايو آهي. جن

پيسا ڏئي ائڊورٽائيز ڏيئي مدد ڪئي، اُنهن جي وڏي مهرباني.

سڄو ئي سال سنا پروگرام رکجن ٿا ۽ هر پروگرام تي لنگر پرساد جو بندوبست بہ ڪيو ويندو آهي. سڀني ميمبرن کي وينتي آهي تہ وڏي تعداد ۾ حاضر رهي پئنچايت جي شوڀا وڌائين.

(4) ڪورونا مهاماريءَ دنيا ۾ هاهاڪار مچايو. ڀارت ۾ بہ ڪورونا وائرس ڏاڍو ڀيانڪ روپ اختيار ڪري ڪافي ڏهڪاءُ ڦهلايو. جيون اِن بيماريءَ سبب بلڪل رُڪجي ويو. ماڻهون گهرن اندر قيد ٿي ويا. واپار ڌنڌا بہ بند ٿي ويا. لاڪ ڈائون ۽ حراس جي ڪري آفيسون، پئنچايتون جدا جدا سنسٿائون پڻ شانت ٿي ويئون. اُنهن جون هر قسم جون سرگرميون بند ٿي ويون. اُن جو اثر اسانجي پئنچايت تي پڻ ٿيو. آفيس گهڻو وقت بند رهي جنهن ڪري مشغوليون ڪاريہ ڪرم ٿي نہ سگهيا. حالتن جي مدي نظر اسين دلگير آهيون. هاڻي ڪورونا ۾ ڪجهہ ٺاپر آئي آهي. ماحول سازگار بڻجي رهيو آهي. ڌنڌو واپار ڪاريہ ڪرم شروع ٿيا آهن. اسانجي پئنچايت پڻ اڳي جيان سرگرم بڻي آهي.

سيڪريٽري ڈاڪٽر آسوداڻي، جنرل سيڪريٽري چندرڪانت پمناڻي، خزانچي وجيہ ٻالاڻي، هريش ٻالچنداڻي، وائيس پريزيڊنٽ نوتنداسي هرواڻي ۽ هريداس چنداڻي، جئہپرڪاش منگواڻي ۽ ديپا واڌواڻي سُٺو ڪم ڪري رهيا آهن. عقل ۽ ايمانداريءَ جي بخشيش اَٿن. اڳتي بہ ڪم ڪندا اَچن اِها شُڀ ڀاونا.

ڀائيچاري وڌائڻ لاءِ سڀني ميمبرن کي نماڻي اَپيل ٿي ڪجي تہ پئنچايت جي ايريا ۾ رهندڙ پنهنجن مٽن مائٽن، دوستن ۽ پاڙي وارن کي ميمبر ٿيڻ لاءِ همٿائين.

سڀني تي گروبابي سائينءَ جي مهر ٿيندي رهندي.

''سڀ ڪا مالڪ ايڪ''

احمدآباد : اَرجن وڇاڻي

تاريخ : آرتوار 24-10-2021 (پرمک)